

رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

# شانِ امام احمد رضا

سنڌي

(يومِ عرس: 25 صفر المظفر)

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكربيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)**


رسالي جو نالو: شانِ امام احمد رضا

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1442هه، سيپٽمبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# شانِ امام احمد رضا

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## شانِ امام احمد رضا


دعاءِ عطار ............ 1
درود شريف جي فضيلت ............ 1
درودِ پاڪ جي باري ۾ تحقيقِ رضا ............ 1
ولادتِ اعليٰ حضرت ............ 2
ننڍپڻ جون شاندار جهلڪيون ............ 3
اعليٰ حضرت جون فتوائون ............ 3
هڪ ڏڪ پاڻي ............ 4
12 سوالن جو جواب ............ 5
مُجدّدِدين و مِلّت ............ 6
جنت ڏانهن اڳرائي ڪندڙ ............ 6
والين جو تحفو ............ 7
ست جبل ............ 8
حديثِ شريف پڙهائڻ جو انداز مبارڪ ............ 9
اَمِيرُالمؤمنين في الحديث ............ 9
مديني سان محبت ............ 10
خواهشِ اعليٰ حضرت ............ 11
ڪلامِ اعليٰ حضرت جو شان ............ 12
آقا جي طرفان هرسال قرباني ............ 13
غريب ساداتِ ڪرام سان محبتِ اعليٰ حضرت ............ 14
سيّد سان ڀلائي ڪرڻ جو عظيم صِلو ............ 14
سيّد سان ڀلائي ڪرڻ واري کي قيامت ۾ آقا جي زيارت ٿيندي ............ 15
اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ جون ڪجهه خوبيون ............ 16
وصال شريف ............ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# شانِ امام احمد رضا

## دعاءِ عطار

يا الله! جيڪو:17 صفحن جو رسالو ”شانِ امام احمد رضا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو ڇوته توهان جو درود مون تي پيش ڪيو ويندو آهي.

(معجم اوسط، جلد 1 ص 84، حديث:241 دارالڪتب العلميه بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درودِ پاڪ جي باري ۾ تحقيقِ رضا

اعلٰي حضرت امام اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهو ثابت ۽ واضح ٿي چڪو آهي ته حضور جانِ رحمت (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي بارگاهِ اقدس ۾ درود و سلام ۽ اُمّت جا عمل باربار پيش ٿيندا آهن ۽ حديثن جي جمع ۽ ترتيب مان منهنجي لاءِ اهو ظاهر ٿيو ته درودِ

پاڪ بارگاهه رسالت (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۾ ڏهه ڀيرا پيش ڪيو ويندو آهي. ٻيا اعمال پنج ڀيرا پيش ڪيا ويندا آهن، دربارِ نبّوت ۾ درود پيش ٿيڻ جا چند طريقا هي آهن: (1) مزار اقدس وٽ هڪ ملائڪ پهچائيندو آهي. (2) اهو ملائڪ پيش ڪندو آهي جيڪو درود پڙهڻ واري سان مقرر هوندو آهي.(3) سير ۽ سفر ڪرڻ وارا ملائڪ پهچائيندا آهن. (4) حفاظت ڪرڻ وارا ملائڪ درودِ پاڪ کي ڏينهن جي تمام عملن سان گڏ شام جو ۽ رات جي عملن سان گڏ صبح جو پيش ڪندا آهن (5) سڄي هفتي جي اعمال سان گڏ درود شريف جمعي جي ڏينهن پيش ٿيندو آهي. (6) سڄي عمر جا تمام درود قيامت جي ڏينهن پيش ڪندا آهن. (انباءُ الحي، ص287، مؤسة الرضا لاهور) (ڪجهه ڀيرا جيڪي پيش ٿي چڪا اهي مقامات هي آهن:) (7) معراج جي رات اعمال پيش ٿيا. (8) حضور انور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نمازِ ڪسوف (يعني سج گرهڻ جي نماز) ۾ ڏٺا. (9) الله پاڪ جڏهن حضور اڪرم (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ٻنهي ڪُلهن جي درميان دستِ مبارڪ رکيو ته حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي هر شيءِ روشن (يعني ظاهر) ٿي وئي. (10) قرآنِ ڪريم جي نازل ٿيڻ وقت تمام شين جو علم ۽ معرفت حاصل ٿي. (انباءُ الحي،ص357)

اللہ اللہ تبحر علمی — اب بھی باقی ہے خدمت قلمی
اہل سنت کا ہے جو سرمایہ — واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ولادتِ اعليٰ حضرت

اي عاشقانِ امامِ احمد رضا! منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ولادتِ باسعادت بريلي

شريف جي محلي جسولي ۾ ڏهه (10) شوّالُ المُکرَّم 1272هه چنچر جي ڏينهن وقتِ ظُهر بمطابق چوڏهن (14) جُون 1856ء تي ٿي. سندن نالو محمد آهي ۽ ڏاڏي سائين احمد رضا چئي پکاريو ۽ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيا جڏهن ته سنِ پيدائش جي اعتبار سان سندن نالو اَلْمختار(1272هه) آهي. (تذکره امام احمد رضا، ص3، مکتبة المدينه)

## ننڍپڻ جون شاندار جهلڪيون

ربيع الاول 1276 هه/1860ء تي تقريباً 4 سال جي عمر شريف ۾ قرآنِ پاڪ ناظره پورو ڪيو ۽ انهيءَ عمر ۾ فصيح عربي ۾ گفتگو فرمائي. ربيع الاول 1278 هه/1861ء تي تقريباً 6 سال جي عمر شريف ۾ پهريون بيان فرمايو. 1279 هه/1862ء تي تقريباً 7 سال جي عمر شريف ۾ رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ شروع ڪيا. شوال المکرم 1280 هه/1863ء تي تقريباً 8 سال جي عمر شريف ۾ وراثت جي مسئلي تي زبردست جواب لکيو. 8 سالن ئي جي عمر ۾ نحو جي مشهور ڪتاب هِدايَةُالنّحو پڙهي ۽ ان جي عربي شرح به لکي. شعبان المعظم 1286 هه/1869ء تي 13 سال 4 مهينا ۽ 10 ڏينهن جي عمر ۾ علومِ درسيه مان فارغ ٿيا، دستارِ فضيلت ٿي، انهيءَ ڏينهن فتويٰ نويسي جو باقاعده آغاز فرمايو ۽ درس و تدريس جي به شروعات ڪئي.

## اعليٰ حضرت جون فتوائون

عاشقِ اعليٰ حضرت اميرِ اهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمائن ٿا: امام اهلسنت امام احمد خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هزارين فتوائون لکيون آهن، جيئن ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 13 سال 10 مهينا 4 ڏينهن جي عمر ۾ پهرين فتويٰ ”حُرمتِ رضاعت“ (يعني کير جي رشتي جي حُرمت) تي فتويٰ ڏني ته سندن والدِ گرامي مولانا نقي

علي خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ سندس جي عالمانہ صلاحيت ڏسي پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي مفتي جي منصب تي فائز ڪري ڇڏيو، ان جي باوجود اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ڪافي عرصي تائين پنهنجي والدِ مُحترم کان فتويٰ چيڪ ڪرائيندا رهيا ۽ ايترو تہ احتياط فرمائيندا هئا جو والدِ مُحترم جي تصديق جي بغير فتويٰ جاري نہ ڪندا هئا. اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جون ڏھ (10) سالن جون فتوائون جمع نہ ٿي سگھيون ، 10 سالن کانپوءِ جيڪي فتوائون جمع ٿيون اهي "العَطَايَا النَّبوِيَّہ فِي الفَتَاوَيٰ الرَّضَوِيَّہ" جي نالي سان 30 جلدن تي مشتمل آهن ۽ اردو زبان ۾ ايتريون وڏيون فتوائون، مان سمجهان ٿو تہ دنيا جي کهڙي مفتي جي بہ نہ ڏنيون هونديون، هي 30 جلد تقريباً ٻاويهہ هزار(22000) صفحن تي مشتمل آهن ۽ ان ۾ ڇهہ هزار اٺ سؤ پنجيتاليهہ (6845) سوالن جا جواب، بہ سؤ ڇهہ (206) رسالا ۽ ان کان علاوه هزارين مسئلا ضمناً بيان فرمايا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي اهو ڄاڻڻو آهي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ڪيترا وڏا مفتي هئا تہ اهو سندن جون فتوائون پڙهي، اِنْ شَآءَ الله متاثر ضرور ٿيندو، منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجي فتويٰ ۾ اهڙا نڪتا بيان ڪيا آهن جو عقل حيران ٿي وڃي تہ ڪيئن اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هي لکيا هوندا.

(ماهنامه فيضانِ مدينه، صفرالمظفر1441، مكتبة المدينه كراچي)

کس طرح اتنے علم کے دریا بہائے | علمائے حق کی عقل تو حیراں ہے آج بھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ يڪ پاڻي

فقيهہ اعظم حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مجدّدِ اعظم اعليٰ حضرت امام احمد رضان خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ

هڪ پيرو چاليهه پنجيتاليهه ڏينهن تائين، 24 ڪلاڪن ۾ هڪ ڍُڪ پاڻي ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ نہ کاڌو نہ پيتو، ان جي باوجود تصنيف، تاليف، فتويٰ نويسي (يعني ڪتاب لکڻ، فتويٰ ڏيڻ)، مسجد ۾ حاضر ٿي باجماعت نماز پڙهڻ، ارشاد و تلقين، اچڻ وارن سان ملاقاتن وغيره جي معمولات ۾ ڪوئي فرق نہ آيو ۽ نہ ڪمزوري جا آثار ظاهر ٿيا. (نزهة القاري، جلد3 ص 310 تسهيلاً، فريد بڪ اسٽال لاهور)

اُس کی ہستی میں تھا عمل جوہر　　سنت مصطفٰے کا وہ پیکر
عالمِ دین، صاحب تقوٰی واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

## 12 سوالن جو جواب

شيخ عبدُالله ميرداد بن احمد ابو الخير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اعليٰ حضرت (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جي خدمت ۾ نوٽ (يعني ڪاغذي ڪرنسي) بابت 12 سوال پيش ڪيا، پاڻ (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) هڪ ڏينهن ۽ ڪجھ ڪلاڪن ۾ انهن جا جواب لکيا ۽ ڪتاب جو نالو "كِفلُ الفَقِيهِ الفَاهِمِ فِي أَحكامِ قِرطاسِ الدَّراهِمِ" رکيو، مڪي شريف جي عالمن جهڙوڪ شيخ الآئمه احمد بن ابو الخير، مفتي و قاضي صالح ڪمال، حافظِ ڪتب حرم سيد اسماعيل خليل، مفتي عبدالله صديق ۽ شيخ جمال بن عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهم ڪتاب ڏسي حيرانگي جو اظهار ڪيو ۽ ڏاڍي تعريف ڪئي.

اهو ڪتاب مختلف پريس مان ڪيئي دفعا ڇپجو ايسيتائين جو 2005ء ۾ بيروت لبنان مان بہ ڇپجي پڌرو ٿيو، هن وقت هي ڪتاب ڪراچي يونيورسٽي جي"ايم اي" جي سليبس ۾ بہ شامل آهي. (ماهنامه فيضانِ مدينه، صفرالمظفر1440)

## مُجدِدِين و مِلت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! علماءِ عرب و عجم جو هن ڳالھ تي اتفاق آهي تہ چوڏهين صدي جا مُجَدّد، اعليٰ حضرت امام احمد رضاخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن بلڪ مولانا الشيخ محمد بن العربي الجزائري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تذڪرو نهايت خوبصورت لفظن سان فرمايو آهي: ”هندستان جو جڏهن ڪو عالم اسان سان ملندو آهي تہ اسان ان کان مولانا شيخ احمدرضا خان هندي (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جي باري ۾ پڇندا آهيون، جيڪڏهن ان تعريف (Praise) ڪئي تہ اسان سمجهي وٺندا آهيون تہ هي سُنّي (يعني صحيح العقيده) آهي ۽ جيڪڏهن ان مُذمت (Criticize) ڪئي (برو ڀلو چيو) تہ اسان کي يقين ٿي ويندو آهي تہ اهو شخص گمراھ ۽ بدعتي آهي اسان جي ويجهو اها ئي (يعني اعليٰ حضرت) ڪسوٽي آهي.“ (انوارالحديث، ص19، مڪتبة المدينه ڪراچي)

جو ہے اللہ کا ولی بے شک
غوث اعظم کا جو ہے متوالا

عاشق صادق نبی بے شک
واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنت ڏانهن اڀرائي ڪنڌ

امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مائٽن جي گهڻي اصرار تي پنهنجي وصال شريف کان ٽي سال پهريان جبل پور تشريف وٺي ويا ۽ اُتي هڪ مهينو قيام فرمايو. ان دوران اُتان جي رهڻ وارن ڪائنس گهڻو فيض ورتو، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهريلو ناچاقين وارن جي اهڙي طرح

رهنمائي فرمائي جو جيڪي ماڻهو هڪٻئي سان رشتيداري ختم ڪري چڪا هئا اهي پاڻ ۾ صلح جي لاءِ راضي ٿي ويا. ھِہ پائر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مريد هئا، هڪ ڏينهن ٻئي حاضر ٿيا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ٻنهي جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ هي ايمان افروز جملا ارشاد فرمايا:”توهان ٻنهي جو ڪو مذهبي اختلاف ناهي، اوهان ٻئي هڪ ئي پير جا مريد آهيو نسلي رشتو ٽٽي سگهي ٿو پر اسلام و سنّت ۽ سلسلي جي اڪابر سان عقيدت باقي آهي تہ اهو رشتو نٽو ٽٽي سگهي. ٻئي حقيقي ڀائر ۽ هڪ ئي گهر جا، توهان جو مذهب هڪ، رشتو هڪ، توهان ٻئي ڀائر هڪ ٿي ڪم ڪيو تہ جيئن مخالفن کي ڪنهن ڳالهه جو موقعو نہ ملي. چڱي طرح سمجهي وٺو! اوهان مان جيڪو ملڻ ۾ اڳرائي ڪندو اهو جنت جي طرف اڳرائي ڪندو“ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هنن جملن فوري طور اثر ڏيکاريو، ناراضگي ويساري انهيءَ وقت ڀاڪر پاتائون.

(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص267 ملخصاً، مڪتبة المدينه ڪراچي)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والين جو تحفو

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ ڏينهن مُفتي بُرهانُ الحق جَبَل پُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي فرمايو:”مون کي پنهنجي ٻن ڌيئرن جي لاءِ واليون گهرجن“ مفتي بُرهانُ الحق جَبَل پوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حڪم جي تعميل ڪندي هڪ مشهور دڪان تان تمام خوبصورت والين جون ٻہ جوڙيون آڻي ڏنيون. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي واليون ڏاڍيون پسند آيون، سامهون ئي مُفتي بُرهانُ الحق جَبَل پوري جون ٻئي ننڍڙيون نياڻيون وينيون هيون، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ”هي هنن

بارڙين کي پارائي ڏسان تو تہ کيئن ٿيون لڳن“ اهو فرمائي اعليٰحضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان بنهي بارڙين کي واليون پارايون ۽ دعائون ڏنيون. ان کانپوءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه والين جي قيمت پڇي، مفتي بُرهانُ الحق جبل پوري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: حضور! قيمت ادا ڪري ڇڏي آهي (اوهان رڳو واليون قبول فرمايو) ان کانپوءِ پاڻ پنهنجي نياڻين جي ڪنن مان واليون لاهڻ لڳا (اهو سوچي تہ هي واليون اعليٰحضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صاحبزادين جي لاءِ آهن) پر اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فوري طور ارشاد فرمايو:”رهڻ ڏيو! مون اِهي واليون هنن بنهي نياڻين جي لاءِ تہ گهرايون هيون“ ۽ پوءِ پاڻ مُفتي بُرهان الحق جَبل پوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي والين جي قيمت بہ عطا فرمائي. (اڪرامِ امام احمد رضا، ص90 مفهوماً، اداره سعوديه ڪراچي)

## ست جبل

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جبل پور جي سفر دوران بيڙيءَ ۾ سفر ڪري رهيا هئا تہ”بيڙي“ تمام تيز وڃي رهي هئي، ماڻهو پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا، ان تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو:”ڪلمو شهادت پڙهي هنن جبلن کي گواهہ جو نتا بڻائي ڇڏيو!“(پوءِ فرمايو:) هڪ شخص جو معمول هيو جڏهن مسجد تشريف وٺي ايندو هو تہ ستن پٿرن کي جيڪي مسجد جي صحن ۾ رکيل هوندا هئا انهن کي ڪلمۀِ شهادت جو گواهہ ڪري ڇڏيندو هو، انهيءَ طرح جڏهن واپس ٿيندو هو تہ گواهہ بڻائي ڇڏيندو هو. وفات کانپوءِ ملائڪ ان کي جهنم ڏانهن وٺي ويا، انهن ستن پٿرن ست جبل بڻجي جهنم جا ست ئي دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ چيو:”اسان هن جي ڪلمۀِ شهادت جا گواهہ آهيون.“ پوءِ ان نجات ماڻي. جڏهن پٿر جبل بڻجي جهنّم

اڳيان اوت ٻڌجي سگهن ٿا پوءِ هي تہ بذاتِ خود جبل آهن. حديثِ پاڪ ۾ آهي:”شام جو هڪ جبل ٻي کان پڇندو آهي: ڇا توتان کو اهڙو شخص گذريو جنهن ذڪرِ اِلٰهي ڪيو؟ اهو چوندو آهي: نہ. پڇڻ وارو چوندو آهي: مون تان تہ اهڙو شخص گذريو جنهن ذڪرِالٰهي ڪيو. پوءِ اهو سمجهندو آهي اڄ مون تي (ان ڪي) فضيلت آهي.“ اعليٰحضرت جي زباني اها (فضيلت) ٻڌندي ئي سڀ ماڻهو بلند آواز سان شهادت جو ڪلمو پڙهڻ لڳا، مسلمانن جي زبان مان شهادت جو ڪلمو بلند ٿي جبلن ۾ گونجڻ لڳو. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص314313)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حديثِ شريف پڙهائڻ جو انداز مبارڪ

حڪيم الامت حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪتُبِ حديث ٻيهي پڙهائيندا هئا، ڏسڻ وارن اسان کي ٻڌايو تہ پاڻ ٻہ ٻيٺل هوندا هئا، تہ پڙهڻ وارا ٻہ ٻيٺل هوندا هئا ان جو اِهو فعل (يعني انداز) تمام مبارڪ آهي. (جاءالحق، ص209، قادري پبلي ڪيشنز لاهور)

## اَمِيرُالمؤمنين في الحديث

امام اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جهڙي طرح ٻين علومن ۾ پنهنجي مثال پاڻ هئا، ائين ئي فنِ حديث ۾ بہ پنهنجي زماني جي عالمن تي سندن کي اهڙو مقام حاصل هيو جو سندن دور جي وڏي عالم، چاليهہ (40) سالن تائين درسِ حديث ڏيڻ واري شيخُ المحدثين حضرت علامہ وَصي احمد سُورَتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن

ڪي ”اَمِيرُالْمُؤمِنِيَن“ جو لقب ڏنو. (ماہنامہ المیزان، ممبئی، امام احمد رضا نمبر، اپریل،مئی، جون۱۹۷۶ء ص۱۴۷)

علم کا چشمہ ہوا ہے موجزن تحریر میں
جب قلم تو نے اٹھایا اے امام احمد رضا

## مديني سان محبت

عظيم مبلغ اسلام حضرتِ علامہ مولانا شاھ عبدالعليم صِديقي ميرٺي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه حرمين طيبين کان واپسي تي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ نهايت خوبصورت آواز ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شان ۾ منقبت پڙهي ته سيّدي اعليٰ حصرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان تي ناپسنديدگي جو اظهار نه فرمايو بلڪ ارشاد فرمايو: مولانا! مان اوهان جي خدمت ۾ ڇا پيش ڪيان؟ (پنهنجي تمام قيمتي عمامي جي طرف اشارو ڪندي فرمايو:) جيڪڏهن هن عمامي کي پيش ڪريان ته توهان اُن مبارڪ شهر مدينه منوره مان پيا اچو، هي عمامو توهان جي پيرن جي لائق به ناهي. البته منهنجي ڪپڙن مان سڀ کان قيمتي هڪ جبّو آهي، اهو اوهان جي بارگاھ ۾ پيش ڪيان ٿو پوءِ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه گهران سرخ رنگ جو مخملي جبّو آڻي ڏنو، جيڪو ان وقت ڏيڊ سؤ روپيه کان گهٽ قيمت نه هوندو. شاھ عبدالعليم ميرٺي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيهي بيٺي هٿ ڦهلائي جبّو ورتو. اکين سان لڳايو، چپن سان چميو، مٿي تي رکيو ۽ سيني سان دير تائين لڳائي رکيو. (حياتِ اعليٰ حضرت، ج1 ص 134، ملخصاً، مکتبة المدينه ڪراچي)

ان منقبت جا ڪجھ اشعار هي آهن:

تمہاری شان میں جو کچھ کہوں اس سے سوا تم ہو
قسیم جامِ عرفاں اے شہ احمد رضا تم ہو

جو مرکز ہے شریعت کا مدار اہل طریقت کا
جو محور ہے حقیقت کا وہ قطب الاولیاء تم ہو
یہاں آکر ملیں نہریں شریعت اور طریقت کی
ہے سینہ مجمع البحرین ایسے رہنما تم ہو
علیم خستہ اک ادنیٰ گدا ہے آستانے کا
کرم فرمانے والے حال پر اس کے شہا تم ہو

(ياد رهي تہ ڪجھ ماڻهن جي لاءِ پنهنجي تعريف تي خوش ٿيڻ جائز هوندو آهي، هي”پنهنجي تعريف تي مغرور ٿيڻ“ ۾ شامل ناهي.)

## خواهشِ اعليٰ حضرت

سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مولانا عرفان بيسلپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ خط لکيو جنهن جي آخر ۾ ڪجھ هن طرح لکن ٿا: وفات جو وقت ويجهو آهي ۽ منهنجي خواهش اهائي آهي تہ مدينہ منوره ۾ ايمان سان موت ۽ بقيع مبارڪ ۾ خير سان دفن نصيب ٿئي. (مکتوبات امام احمد رضا، ص202 ملتقطاً)

سایہ دیوار وخاکِ در ہو یارب اور رضا  خواہش دیہیم قیصر، شوق تخت جم نہیں

**شرح ڪلام رضا**: ياالله پاڪ! تنهنجي پياري پياري ۽ آخري نبي(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي قدمن ۾ مدينہ پاڪ ۾ مونکي مدفن نصيب ٿي وڃي، مون کي روم ۽ ايران جي بادشاهن جي تخت و تاج جي ڪا ضرورت ناهي.

ہے یہی عطار کی حاجت مدینے میں مرے  ہو عنایت سیدا، یا غوث اعظم دستگیر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلام اعليٰ حضرت جو شان

اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْه جو ڪلام قرآن و حديث جي عين مطابق آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي لکيل هڪ هڪ نعت فنِ شاعري ۾ بہ درجۂ ڪمال تي پهتل آهي. الله پاڪ جي سچي نبي جي مُحبت سان اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْه سرشار هوندا هئا انهيءَ طرح پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي نعتيہ شاعري جو هرهر لفظ بہ عشقِ رسول ۾ ٻُڏل نظر اچي ٿو. اڄ تقريباً سؤ سال گذرڻ جي باوجود بہ اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه جا لکيل شعر دلين ۾ عشقِ رسول پيدا ڪن ٿا ۽ يادِ محبوب ۾ تڙپائي ڇڏين ٿا.

پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي عربي شعرن جو مجموعي تعداد مختلف اقوال جي مطابق751 يا 1145 آهي. (مولانا امام احمد رضا جي نعتيہ شاعري، ص210) جڏهن تہ عربي زبان ۾ قصيدتان رائعتان مشهور ”ڪلام“ آهن جيڪي پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه 1300ھ ۾ عالمِ ڪبير مولانا شاه فضلِ رسول قادري بدايوني رَحمَۃُاللہِ عَلَیْه جي سالاني عرس مبارڪ جي موقعي تي 27 سال پنج (5) مهينن جي عمر ۾ پيش ڪيا هئا. اصحابِ بدر جي نسبت سان ٻئي قصيدا 313 شعرن تي مشتمل آهن. ٻنهي مُبارڪ قصيدن ۾ قرآن و حديث جا اشارا ۽ عربي مثالن ۽ محاورن جو خوب استعمال ڪيو ويو آهي. مشهور زمانہ نعتيہ ڪتاب ”حدائقِ بخشش“ ۾ هڪ قول جي مطابق 2781 شعر آهن. ۽ اردو ڪلام جو عربي ترجمو بہ”صَفْوَۃُ الْمَدِيْح“ جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي. (اثرالقرآن والسنة في شعرالامام احمدرضاخان،ص49،50،المؤسة الجلاليه لاهور)

گونج گونج اٹھے ہیں نغماتِ رضا سے بوستاں کیوں نہ ہو کس پھول کی مدحت میں وا منقار ہے

اي عاشقانِ امام احمد رضا! جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ترجمهءِ قرآن”ڪنزالايمان“ وانگر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نعتيه شاعري کي عوام ۾ عام ڪرڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو تمام وڏو ڪردار آهي. شيخِ طريقت، اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وقت به وقت پاڻ ”حدائقِ بخشش“ جا شعر پڙهندا آهن ۽ نعت خوانن کي به اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ڪلام پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا رهندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي شعبه تصنيف و تاليف ”اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه“ ۾ ڪم تيڻ ڪان پوءِ”مڪتبةالمدينه“ ڪان”حدائق بخشش“ جي پرتنتگ جو سلسلو جاري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! اگست 2020 تائين گهٽ ۾ گهٽ به لک ترجمهءِ قرآن”ڪنزالايمان“ ۽”حدائقِ بخشش“ هڪ لک تيرهن هزار ٽي سؤ ايڪهٺ نسخا ڇپجي چڪا آهن.

مولا بہر حدائق بخشش　　بخش عطار کو بلا پرسش
خلد میں کہتا کہتا جائے گا　　واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آقا جي طرفان هرسال قرباني

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي باري ۾ فرمائن ٿا: منهنجو معمول آهي ته قرباني هرسال پنهنجي والدِ محترم طرفان ڪندو آهيان ۽ ان جو گوشت ۽ کل سيئي صدقو ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ هڪ قرباني حضور اقدس(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي طرفان ڪندو آهيان ۽ ان جو گوشت ۽ کل ساداتِ ڪرام جي نظر ڪندو آهيان. تَقَبَّلَ اللهُ تَعَالٰى مِنِّی وَ مِن

اَلْمُسلِمِيْن، اٰمين (يعني الله پاڪ منهنجي ۽ سيني مسلمانن جي طرفان قبول فرماءِ آمين) (فتاويٰ رضويه، 456/20، رضا فائونڊيشن لاهور)

## غريب ساداتِ ڪرام سان محبتِ اعليٰ حضرت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ساداتِ ڪرام جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا، ايسيتائين جو جڏهن ڪا شيءِ تقسيم فرمائيندا ها تہ سيني کي هڪ هڪ عطا فرمائيندا ها ۽ سيد سڳورن کي ٻہ ڏيندا ها. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان چوان ٿو: مالدار جيڪڏهن پنهنجي خالص مال مان بطور هديہ هنن بلند مرتبي وارن صاحبن جي خدمت نہ ڪن تہ انهن (مالدارن) جي (پنهنجي) ٻي سعادتي آهي، اهو وقت ياد ڪريو جڏهن هنن ساداتِ ڪرام جي جدّا ڪرم (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪانسواءِ ظاهري اکين کي بہ ڪا پناہ جي جڳهہ ڪانہ ملندي، ڇا اهو پسند ناهي تہ اهو مال جيڪو انهن جي صدقي انهيءَ جي بارگاهہ مان عطا ٿيو، جنهن کي عنقريب ڇڏي ائين ئي هٿين خالي قبر ۾ وڃڻو آهي، انهن جي خوشنودي جي لاءِ انهن جي پاڪ مبارڪ پٽن(يعني سيّدن) تي ان جو هڪ حصّو خرچ ڪيون تہ سخت حاجت جي ڏينهن(يعني قيامت جي ڏينهن) اُن جوّاد ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪيئي عظيم انعامن ۽ اڪرامن سان مشرف ٿيون.

## سيد سان ڀلائي ڪرڻ جو عظيم صِلو

الله پاڪ جا آخري نبي محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو منهنجي اهلبيت مان ڪنهن سان سنو سلوڪ ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن ان جو بدلو ان کي عطا ڪندس. (الجامع الصّغير للسيوطي،ص533، حديث:8821،

دارالکتب العلميه بيروت) رحمتِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:
جيڪو عبدُالمطّلِب جي اولاد مان ڪنهن سان دنيا ۾ نيڪي ڪري
ان جو صِلو ڏيڻ مون تي لازم آهي جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن
مون سان ملندو. (تاريخ بغداد،ج10 ص 102،دارالکتب العلميه بيروت)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيد سان ڀلائي ڪرڻ واري کي قيامت ۾ آقا جي زيارت ٿيندي

الله اڪبر، الله اڪبر! قيامت جو ڏينهن، اهو قيامت جو ڏينهن، اهو سخت ضرورت سخت حاجت جو ڏينهن، ۽ اسان جهڙي محتاج کي صلو عطا فرمائڻ تي محمد صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جهڙا صاحِبُ التّاج، خدا ڄاڻي ڇا ڇا ۽ ڪيترو ڪجهه عطا فرمائن ، هڪ نگاهه ئي ٻنهي جهانن جي تمام مشڪلات جي حل لاءِ ڪافي آهي، بلڪ پاڻ اهو ئي صِلو ڪروڙين صِلن (بدلن) کان اعليٰ ۽ نفيس ترين آهي، جنهن جي طرف هي قرآني ڪلمو: اِذَالَقِیۡنَی (جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن مون سان ملندو) اشارو فرمائي ٿو، بَلَفۡظِ "اِذَا" تعبير فرمائڻ (يعني "جڏهن" جو لفظ چوڻ) بِحَمۡدِاللّٰه قيامت جي ڏينهن ديدارِ محبوبِ ذوالجلال جي خوشخبري ٻڌائڻ آهي.(جڻ سيّدن سان ڀلائي ڪرڻ وارن کي قيامت جي ڏينهن تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ۽ ملاقات جي خوشخبري آهي) مسلمانؤ! ٻيو ڇا درڪار آهي؟ ٻوڙو ۽ هن دولت و سعادت کي ونو. (فتاويٰ رضويه، ج10 ص 105 کان 106)

حُبِّ سادات اے خدا دے واسطہ     اہل بیت پاک کا فریاد ہے

# اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جون ڪجھ خوبيون

(1) پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنجئي نمازون باجماعت تڪبيرِ اوليٰ سان مسجد ۾ ادا فرمائيندا ها. (2) پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي علمِ توقيت (يعني اهو علم جنهن جي ذريعي درست وقت معلوم ڪيو وڃي) ۾ ايتري قدر ڪمال حاصل هيو جو ڏينهن جو سج ۽ رات جو تارا ڏسي گهڙي ملائيندا ها ڪڏهن هڪ منٽ جو بہ فرق نہ آيو. (3) پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجي ۽ پنهنجي پاٽرن جي تمام شهزادن (يعني پٽن) جو نالو "محمد" رکيو. (4) پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي طبعي طور هر مشروب کان وڌيڪ عزيز "زمزم شريف" محبوب و پسنديده هيو. (5) پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ مختلف موضوعن تي ڪم و بيش هڪ هزار ڪتاب لکيا: جن مان ڪجھ هي آهن: علم العقائد ۾ 31، علم الڪلام ۾ 17، علمِ تفسير ۾ 6، علمِ حديث ۾ 11، أصولِ فقہ ۾ 9، فقہ ۾ 150، علمُ الفضائل ۾ 30، علمُ المناقب ۾ 18، ۽ علمِ مناظره ۾ 18، (6) اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ غريبن جي دعوت قبول ڪري وٺندا هئا جيڪڏهن اتي سندن مزاج مطابق کاڌو نہ هوندو هو تہ ميزبان (Host) تي هن جو اظهار ڪونہ فرمائيندا هئا بلڪ خوشي سان کائي وٺندا هئا. (حياتِ اعليٰ حضرت، ج1 ص123 ملخصاً) (7) هميشہ غريبن جي مدد ڪندا ها، انهن کي ڪڏهن هٿين خالي نہ موٽائيندا هئا بلڪ آخري وقت بہ رشتيدارن کي وصيت ڪئي تہ غريبن جو خاص خيال رکجو، انهن جي خاطرداري ڪندي سٺا سٺا ۽ لذيذ کاڌا پنهنجي گهران ڪارائجو ۽ ڪنهن غريب کي بلڪل بہ نہ ڇڙٻجو. (تذڪره امام احمدرضا، ص14) (8) ڪارڊ يا خط ۾

بسم الله الرحمٰن الرحيم يا آيتِ كريمه يا اسمِ جلالت ”الله“ يا الله پاڪ جي آخري نبي”محمد“ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو مبارڪ نالو يا درود شريف بي ادبي جي خيال سان لکڻ کان منع ڪندا هئا. اعدادِ ”بسم الله“ ڪابي طرف کان لکندا هئا.(9) محفلِ ميلاد شريف ۾ شروع کان آخر تائين باادب ٿي ٻه زانو(جيئن نماز ۾ التحيات جي صورت ۾ ويهندا آهيون) ويهندا هئا، صرف صلوٰة و سلام پڙهڻ جي لاءِ بيهندا هيا. ائين ئي بيان فرمائيندا ۽ چار پنج ڪلاڪن تائين مڪمل ٻه زانو ئي منبر شريف تي تشريف فرما رهندا هئا. (حياتِ اعليٰ حضرت، ج1 ص 98)

ڪاش! اسان غلامانِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي به تلاوتِ قرآن ڪندي يا ٻڌندي وقت پڻ اجتماعِ ذڪر و نعت، سنّتن ڀري اجتماعن، مدني مذاڪرن، درس و مدني حلقن وغيره ۾ باادب ٿي ٻه زانو ويهڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي. (10 پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سمهڻ جو انداز به وڏو ايمان افروز هيو، عام ماڻهن وانگر نه سمهندا هئا بلڪ سمهندي وقت هٿ جي آڱوٺي کي شهادت جي آڱر تي رکي ڇڏيندا هئا ته جيئن آڱرين سان لفظ ”الله“ ٺهجي وڃي ۽ پير ڦهلائي ڪڌهن به نه سمهندا ها بلڪ ساڄي پاسي ليٽي ٻئي هٿ ملائي مٿي جي هيٺان رکي ڇڏيندا ها ۽ پير مبارڪ سميٽي وٺندا ها، هن طرح جسم ذريعي لفظ ”محمد“ ٺهجي ويندو هو. (حياتِ اعليٰ حضرت، ج1 ص 99 مفهوماً) (11) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واقعي فنافي الرّسول هئا. اڪثر فِراقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

۾ غمگين رهندا ۽ ٿڏا ساهه پريندا هئا. (12) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڀي حياتي ڪابه صبح اهڙي ڪانه ڪئي جيڪا ربّ پاڪ جي نالي سان شروع نه ٿيندي هجي ۽ ڪنهن به ڏينهن جي آخري تحرير دُرُود شريف ڪانسواءِ ڪنهن بي لفظ تي ختم نه فرمائي. سندن آخري تحرير 25 صفرالمظفر1340 تي وصال شريف کان ڪجهه گهڙيون پهريان هي لکيائون:

وَ اللهُ شَهِيْدٌ وَلَهُ الْحَمْدُ وَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى وَبَارَكَ وَسَلَّمَ عَلٰى شَفِيْعِ الْمُذْنِبِيْنَ وَ آلِهِ الطَّيِّبِيْنَ وَصَحْبِهِ الْمُكَرَّمِيْنَ وَ ابْنِهٖ وَحِزْبِهٖ اِلٰى اَبَدِ الْاٰبِدِيْنَ وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ

(حياتِ اعليٰ حضرت، ج3 ص 292 ملخصاً)

## وصال شريف

سيّدِي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي وصال شريف کان 4 مهينا 22 ڏينهن پهريان پاڻ پنهنجي وصال شريف جي خبر ڏني هئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي صاحبزادي حجة الاسلام حامد رضاخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي حيات (يعني مبارڪ زندگي) ۾ ئي پنهنجو جانشين مقرر فرمايو ۽ پنهنجي جنازه نماز پڙهائڻ جي وصيت فرمائي جيئن ته علامه مولانا حامدرضاخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جنازه نماز پڙهائي. (حياتِ اعليٰ حضرت، حصه سوم، ص297)

الله ربُّ العزت جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ الله عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net